# ٻارن لاء بائبل
## تحفو

# چاليهه سال



لکيل ٻاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Janie Forest
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Lyn Doerksen

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ٺاهيل ٻاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.





جڏهن خُدا بني اسرائيلن کي مصر مان ڪڍي
ڇڏيو، موسیٰ ماڻهن جي عبادت ۾ اڳواڻي ڪئي.
هُن حمد جو گيت ٺاهيو. "مان رب کي ڳائيندس
ڇو ته هن شاندار طور تي فتح ڪئي آهي."
موسيٰ سيڻي عظيم شين جو ڳايو جيڪي خُدا بني
اسرائيل لاءِ ڪيا هئا.





بيابان ۾ ٽن ڏينهن کان پوءِ اچايل ماڻهن کي
هڪ تلاءُ مليو. پر اُهي کوڙو پاڻي نه پي
سگهيا. دعا ڪرڻ بدران، ماڻهن شڪايت
ڪئي. خُدا ڏاڍو مهربان هو. پاڻي پيئڻ
لاءِ چڱو ڪيائين.

3



اهو لڳي ٿو ته ماڻهو هر شيءِ بابت
شڪايت ڪن ٿا. "اسان کي مصر ۾ کاڌو
هو، ريگستان ۾ بک سان مري ويندا سين،" هنن رڙ
ڪئي. اُن شام خُدا پکين کي موڪليو، جن کي ڦٽيرا سڏيو
ويندو هو. ماڻهن کين آسانيءَ سان پڪڙي ورتو.

4

ٻئي ڏينهن صبح جو خُدا من کي موڪليو.
اها هڪ قسم جي ماني هئي جنهن جو
ذائقو ماکيءَ جي وانگر هوندو هو.
هر صبح جو مَن گڏ ٿيڻ لاءِ تيار
زمين تي ليٽيو پيو هوندو هو.



هن طريقي سان خُدا
پنهنجي ماڻهن کي
ريگستان ۾ کارايو.

5

اهي هر روز نئين کاڌي لاءِ خُدا تي ڀروسو ڪندا هئا. پر
ڪجهه ماڻهن اضافي من گڏ ڪيو، جيتوڻيڪ خُدا چيو ته اهو
رات جو سڙي ويندو.



6

يقينن، ڪالهه جو مَن ڪينئان سان ڀريل هو - سواءِ سبت جي
ڏينهن جي. انهيءَ خاص ستين ڏينهن تي ماڻهن آرام ڪيو ۽
ڪالهه جو من کاڌو.



7

خُدا ريگستان ۾ بني
اسرائيلن جي سنڀال
ڪئي. هن کين کاڌو
۽ پاڻي ڏنو ۽ کين
دشمنن کان بچايو.

جڏهن عماليقين
حملو ڪيو،
اسرائيل جنگين کي
فتح ڪندو رهيو
جيستائين موسٰی خُدا جي
لٺ کي هٿ ۾ رکيو.



8



خُدا بني اسرائيلن کي چيو ته، "جيڪڏهن توهان منهنجي آواز جي فرمانبرداري ڪندؤ ته توهان منهنجا خاص ماڻهو هوندا." "سڀ جيڪا خُدا چوي ٿو، اسين ڪنداسين،" ماڻهن موسىٰ کي چيو. اهي جبل سينا جي پيرن تي آيا ۽ انتظار ڪندا رهيا جڏهن ته موسىٰ خُدا سان ملڻ ويو هو.

9



موسيٰ چاليهه ڏينهن تائين جبل تي خُدا سان گڏ رهيو. خُدا ڏهن حڪمن کي پٿر جي ٻن تختين تي لکيو. هن موسيٰ کي ٻڌايو ته هو ڪيئن چاهي ٿو ته سندس قوم جيئري رهي.

10

1. "توهان کي مون کان اڳ ٻيو ڪو به معبود نه هوندو."

2. "ڪا به اُڪريل مورت نه ٺاهيو يا سجدو نه ڪريو."

3. "خُداوند جو نالو اجايو نه وٺو."

4. "سبت جي ڏينهن کي پاڪ رکڻ لاء ياد رکو."

5. "پنهنجي پيء ۽ پنهنجي ماء جي عزت ڪريو."

11

6. "تون قتل نه ڪجان."

7. "تون زنا نه ڪجان."

8. "تون چوري نه ڪجان."

9. "تون ڪوڙ نه ڳالهيجان."

10. "تون لالچ نه ڪجان."

12



جڏهن موسيٰ جبل سينا تي خُدا سان گڏ هو، بني اسرائيلن هڪ خوفناڪ قدم کنيو. هنن هارون کي سون جي گابي ٺاهڻ جي هدايت ڪئي. ۽ هو خُدا جي بدران گابي جي پوڄا ڪندا هئا. خُدا ڏاڍو ناراض ٿيو. ۽ ائين ئي موسيٰ به هو.

13



جڏهن موسيٰ گابي ۽ ماڻهن کي نچندي ڏٺو ته هن پٿر جون تختيون زمين تي اڇلائي ڇڏيون. حضرت موسيٰ ناراض ٿي سون جي بت کي تباهه ڪري ڇڏيو. ان جي پوڄا ڪندڙ بدڪار ماڻهو مارجي ويا.

14

خُدا انهن ٻن پٿر جي تختين کي
تبديل ڪيو. هن موسيٰ کي چيو
ته هڪ خيمو ٺاهي - هڪ وڏو
خيمو جنهن جي چوڌاري باڙ
آهي - جتي خُدا پنهنجي ماڻهن
سان گڏ رهندو. اهي اتي خُدا جي
عبادت ڪندا هئا. ڪڪر ۽ باهه
جو ستون ظاهر ڪيو ته
خُدا انهن سان گڏ
موجود آهي.



15

جيئن اهي ڪنعان جي ويجهو پهتا، موسيٰ ٻارهن جاسوس خُدا
جو پنهنجي قوم سان واعدوڪيل زمين کي ڏسڻ لاء موڪليا.
جاسوس سڀئي اتفاق ڪيو ته اها خوبصورت هئي! پر صرف
ٻه، جوشوا ۽ ڪالاب، يقين ڪيو ته اهي خُدا جي مدد سان
زمين کي فتح ڪري
سگهن
ٿا.



16

ٻيا ڏهه جاسوس انهي ملڪ
جي مضبوط شهرن ۽ ديوين
کان ڊڄندا هئا. "اسان زمين
نه ٿا وٺي سگهون،" هنن رڙ
ڪئي. اهي عظيم
شيون وساري ويا
جيڪي خُدا انهن
کي مصر کان آزاد
ڪرڻ لاءِ ڪيا هئا.



17

ماڻهو ڏهن بي ايمان جاسوسن جي پٺيان لڳا. اهي روئڻ لڳا ۽
مصر ڏانهن واپس وڃڻ لاءِ تيار ٿيا.ايسينتائين جو هنن
حضرت موسيٰ کي به مارڻ جي ڪوشش ڪئي.



18

خُدا موسيٰ جي جان بچائي. پوءِ هن ماڻهن کي چيو تہ "اوهين
چاليهن سالن تائين بيابان ۾ ڀڄندا رهندا، رڳو ڪالاب، يشوع ۽
اوهان جا ٻار اُن ملڪ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ جيئرا رهندا جنهن کي
توهان حقير سمجهيو هو."



19

چاليهه سال

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

خروج 15 کان نمبر 14

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ٿوڏئي."
زبور 119: 130

20




12

60



هيء ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان  تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوء يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان
ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن
جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان
جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاء ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوۀ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاء مري ويوۀ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيء ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.